# دجال

## ڪٿي آهي؟
## ڪڏهن نڪرندو...؟

19-JUNE-2025

هفته واره د سُنّتونو ډکه اِجتماع کښې کیدونکے

د سُنّتونو ډک بیان

(for Islamic Brothers)

19 جون، 2025ع (بمطابق: 22 ذوالحج، 1446ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار
اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# دجال ڪٽي آهي؟ ڪڏهن نڪرندو...؟

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندا...

✿... دجال کان ڊيڄارڻ نبين جي سنت آهي

✿... ايمان مضبوط ڪرڻ جا طريقا

✿... دجال کان ٻه وڏو فتنو

پيشڪش
اَلمَدِينَةُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

For Feedback +92315 2692786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

حضرت ابو فضل قُومَسَاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ وڏا عاشق رسول ۽ نيڪ شخص هئا، هڪ ڀيري خراسان مان هڪ عاشق رسول سندن وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! مان مسجد نبوي شريف ۾ ستو پيو هيس، مون تي ڪرم ٿي ويو، عرش تي وڃڻ وارا، جنت جي سير فرمائڻ وارا، رب جا محبوب نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف فرما ٿيا. سندن مبارڪ چپن ۾ حرڪت ٿي، رحمت جا گل ٽڙڻ لڳا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: جڏهن تون همدان (شهر) وڃين ته ابو فضل قومَسَاني کي منهنجو سلام چئجانءِ. مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! انهن تي هن ڪرم جو سبب ڇا آهي؟ فرمايائون: هو روزانو 100 ڀيرا مون تي درود پڙهندو آهي. [(1)]

| | |
|---|---|
| اس جوابِ سلام کے صدقے! | تاقیامت ہوں بے شمار سلام |
| میری بگڑی بنانے والے پر | بھیج اے کردگار سلام |
| اس پناہِ گنہگاراں پر | یہ سلام اور کروڑ بار سلام (2) |

[1]... بخاری، کتاب التوحید، باب قول اللہ تعالی:(وَلِتُصۡنَعَ عَلٰى عَيۡنِىۡ) ،صفحہ:1788، حدیث:7408۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:170، 171 ملتقطًا۔

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت جنَّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. اچو! بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دل ۾ ارادو ڏسو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❁ عِلْمِ دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، گهر وارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دجال کان ڊيڄارڻ نبين جي سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄوڪي بيان جو موضوع روزاني جي موضوعن کان ٿورو هٽي ڪري الڳ قسم جو عنوان آهي. اڄ اسان دجال جي فتني جي باري ۾ قرآن ۽ حديث جي تعليمات ٻڌنداسين. اها ڳالهہ ذهن ۾ رکجو تہ دجال کان ڊيڄارڻ نبين جي سنت آهي.

جي ها! حضرت انس بن مالڪ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ جيڪي صحابي رسول آهن، خادم مصطفيٰ آهن، سندن کان روايت آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَا مِنْ نَبِيٍّ اِلَّا اَنْذَرَ اُمَّتَهُ الْاَعْوَرَ الْكَذَّابَ يعني جيترا بہ نبي تشريف وٺي آيا، سڀني پنهنجي پنهنجي امتن کي ڪاڻي ڪذاب (يعني وڏي

1... بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

ڪوڙي دجال) ڪان ڊيڄاريو آهي. [1]

پيارا اســلامي ڀائرو! دجال واقعي تمام وڏو فتنو آهي، جيڪو قيامت جي ويجهو ظاهر ٿيندو. اچو! نبين جي ســنت تي عمل ڪندي هن فتني بابت روايتون ٻڌون ۽ ٻڌايون ٿا.

## دجال ڪٿي آهي؟ ڪڏهن نڪرندو؟

مسلم شريف جيڪو حديث پاڪ جو تمام مشهور ۽ معتبر ڪتاب آهي، ان ۾ روايت آهي، مان اها روايت اوهان کي تشريح ۽ وضاحت سان ٻڌايان ٿو.

راوي چوي ٿو: هڪ ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلان ڪرايو (تہ نماز جي وقت سڀ مسجد ۾ گڏ ٿي وڃن، پوءِ سڀ گڏ ٿي ويا). نماز ادا ڪئي وئي. نماز کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تي تشــريف فرما ٿيا، ان وقت ســندن چهري مبارڪ تي مســڪراهٽ هئي. فرمايائون: سـڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ئي ويهي رهو. وڌيڪ فرمايائون: ڄاڻو ٿا تہ مون توهان کي ڇو گڏ ڪيو آهي؟ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: اَللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم يعني الله پاڪ ۽ ان جو رســول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي بهتر ڄاڻن ٿا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ مون توهان کي ڪنهن ڳالهہ جي رغبت ڏيارڻ يا ڪنهن شيءِ کان ڊيڄارڻ لاءِ گڏ ناهي ڪيو (بلڪ هڪ واقعو پيش آيو آهي، اهو واقعو ٻڌائڻ لاءِ گڏ ڪيو آهي، اهو واقعو ڪهڙو آهي؟ فرمايائون:) تميم داري پهريان غير مسلم هئا، هو آيا ۽ منهنجي هٿ تي بيعت ڪري اسـلام قبول ڪيائون. هنن مون کي پنهنجو واقعو ٻـڌايو، اهو واقعو ڪهڙو آهي؟ اهي ئي ڳـالهيون جيڪي مـان توهان کي ٻڌائيندو آهيان.

---

1... بخارى، كتاب التوحيد، باب قول الله تعالى:( وَلِتُصْنَعَ عَلَى عَيْنِي) ،صفحہ:1788، حديث:7408۔

هاڻي حضـــرت تميم داري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ســان جيڪو ڪجهه پيش آيو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهو واقعو منبر تي ويهي بيان ڪيو، حضــرت تميم داري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ چون ٿا: اســان 30 ماڻهو هئاســين، بحري ســفر تي روانا ٿياســين. ان دوران سخت لهرون آيون جن اسان جي بحري جهاز کي ان جي رستي تان هٽائي ڇڏيو. اســان هڪ مهيني تائين ايئن ئي ســمنڊ ۾ گهمندا رهياســين. هڪ ڏينهن مغرب جو وقت هو، اسان کي هڪ ٻيٽ (island) نظر آيو. اسان ان ٻيٽ تي لٿاسين. اتي اسان کي هڪ چوپايو (چار ٽنگن وارو جانور) نظر آيو. ان جي جسم تي وار ئي وار هئا، ايترا وار هئا جو ان جو چهرو ڏسڻ ۾ نه پئي آيو. ان جانور اسان سان ڳالهائيندي چيو: مان هڪ جاســـوس آهيان. اڳتي هلو، هتي هڪ گرجا گهر آهي، اتي هڪ شـــخص توهان جو انتظار ڪري رهيو آهي. فرمائن ٿا: ان چوپائي جي ڳالهين کان اسان ڊڄي وياسين ته متان هي جنات وغيره نه هجن.

خير! اسان گرجا گهر ۾ پهتاسين، اتي ايتري وڏي جسم وارو انسان هو جو اسان اهڙو ڪٿي به نه ڏٺو هو. ان کي مضبوط ترين زنجيرن سان ٻڌو ويو هو. اســـان پڇيو: تنهنجو برو ٿئي، تون ڪير آهين؟ چيائين: پهرين توهان ٻڌايو ته توهان ڪير آهيو؟ اسان ان کي ٻڌايو ته اسان عرب جا رهڻ وارا آهيون ۽ رستو ڀلجي هتي اچي پهتا آهيون. ان پڇيو: بيسان نالي باغ بابت ٻڌايو! ڇا ان ۾ ميوا لڳندا آهن؟ اســان چيو: ها! ان ۾ ميوا لڳندا آهن. ان چيو: عنقريب اهو باغ تباهه ٿي ويندو. پوءِ چيائين: بُحَيِّرَه طبريہ ڍنڍ (يعني انگريزي Sea Of Galilee، هي فلسطين جي ويجهو هڪ وڏي ڍنڍ آهي) ڇا ان ۾ پاڻي آهي؟ اسان چيو: ها! اها پاڻي ســان ڀريل آهي. چوڻ لڳو: جلد ئي ان جو پاڻي ســـڪي ويندو. اهڙي طرح پوءِ ان وڏيڪ هڪ ســوال پڇيو ته مون کي نبي اُمي بابت خبر ڏيو. اســان چيو: هو مڪي ۾ هئا، هنن نبوت جي دعوا فرمائي، هاڻي مديني پاڪ ڏانهن هجرت ڪري چڪا آهن. چيائين: ڇا عرب جون ان سان جنگيون ٿيون آهن؟ اسان اُن کي

ٻڌايو: ها! ٺيون آهن. چوڻ لڳو: عرب لاءِ اهو ئي بهتر آهي تہ نبي اُمّي (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪن).

هاڻي هو چوڻ لڳو: مان هاڻي توهان کي پنهنجي باري ۾ ٻڌايان ٿو: مان دجال آهيان. جلد ئي مون کي نڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي، **مان 40 ڏينهن ۾ پوري زمين جو چڪر لڳائيندس، هر هر ڳوٺ، هر هر شـــهر ۾ ويندس. ها! مڪي ۽ مديني ۾ مون کي وڃڻ جي اجازت نہ هوندي.**

پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو واقعو ٻڌائيندي ٻڌائيندي جڏهن هن مقام تائين پهتا تہ مديني جي محبت سان پرجوش ٿي پنهنجو عصا مبارڪ منبر تي هنيائون ۽ فرمايائون: هٰذِهٖ طَيْبَه هٰذِهٖ طَيْبَه هٰذِهٖ طَيْبَه هي طيبہ آهي، هي طيبہ آهي، هي طيبہ آهي.

سُبْحٰنَ الله! ان کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا هي سـڀ اُهي ئي ڳالهيون نہ آهن جيڪي مان توهان کي ٻڌائيندو هيس؟ صـــحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم عرض ڪيو: جي ها! يا رسـول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي تہ اُهي ئي ڳالهيون آهن جيڪي اوهان اسان کي پهريان ٻڌائيندا هئا.

ان کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻڌي ونو! دجال بحر شـــام ۾ قيد هوندو آهي يا بحر يمن ۾. اڄڪلهہ انهن ٻنهي ۾ ناهي، جڏهن نڪرندو تہ مشرق جي طرف کان ايندو.[1]

پيارا اســـلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ هڪ تہ دجال بابت معلومات آهي تہ دجال قيـامت جي ويجهو پيـدا نہ ٿيندو.[2] هو پيـدا ٿي چڪو آهي، ان کي قيـد مان نڪرڻو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سـوشـل ميڊيا وغيره تي غلط معلومات ڏني ويندي آهي، دجال جو معـاملو جيئن تہ خوفنـاڪ بہ آهي ۽ حيرت انگيز بہ، ان ڪري

1... مسلم، كتاب الفتن...الخ، باب قصة الجساسة، صفحه:1127، حديث:2942ملخصاً۔
2... فتح الباری، كتاب الفتن، باب ذكر الدجال، جلد:13، صفحه:114، زيرِ حديث:7131 خلاصةً۔

ماڻهو ويور شپ (viewerShip) وڌائڻ لاءِ طرح طرح جون ڳالهيون دجال جي باري ۾ ڪندا رهندا آهن تہ فلاڻي علائقي ۾ ٻار پيدا ٿيو، هو هڪ اک وارو آهي، اهو دجال آهي، ان جي هن طرح پرورش ڪئي پئي وڃي وغيره وغيره. سڀ ڪوڙا قصا ڪهاڻيون آهن. صحيح ڳالهہ اها آهي جيڪا حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿي تہ دجال پيدا ٿي چڪو آهي ۽ ڪڏهن شام جي سمنڊ ۾ قيد هوندو آهي، ڪڏهن يمن جي سمنڊ ۾ قيد هوندو آهي ۽ قيامت جي ويجهو جڏهن نڪرندو ۽ مديني جي مشرقي طرف جيڪو سمنڊ آهي، اتان جي قيدخاني مان نڪرندو.

پوءِ هتي هڪ ٻي ڳالهہ تي بہ غور فرمايو! دجال آهي ڪافر، مردود آهي، خدائي جي دعوا ڪندو، ڪيترن هزارن کي جهنم جو حقدار بڻائيندو پر حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان نرالو آهي. دجال جيڪو ڪافِر بہ آهي. ڪافر گر (ڪافر بڻائيندڙ) بہ آهي پر محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعريف ڪئي بغير رهي نہ سگهيو. هن حضرت تميم داري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي ٻڌايو تہ عرب جي حق ۾ اهو ئي بهتر آهي تہ هُو نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهي وٺن.

مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن مقام تي فرمائن ٿا: 2 شخص آهن جن کي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڪافرن ڏني هئي:
(1): هڪ حضرت تميم داري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ تہ دجال جي ترغيب تي هنن ڪلمو پڙهيو
(2): ٻيا حضرت سفيان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ، پاڻ ملڪ شام ۾ تجارت لاءِ ويا هئا، اتي هِرَقّل بادشاهہ جيڪو غير مسلم هو، ان حضرت سفيان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي ٻڌايو تہ هو سچو نبي آهي. هرقل کي ڪلمو نصيب نہ ٿيو، حضرت سفيان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ڪلمو پڙهي صحابيت جي اعليٰ درجي تي پهچي ويو.[1]

اَلْحَمْدُلِلّٰه! الله پاڪ اسان جي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙو باڪمال بڻايو آهي جو

1... مراة المناجيح، جلد:7، صفحہ:308 بتصرف۔

دشمن بہ چاهين تہ بہ برائي نٿا ڪري سگهن. اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللہِعَلَيۡه فرمائن ٿا تہ:

وہ کمالِ حُسنِ حُضور ہے کہ گمانِ نقص جہاں نہیں
وہی پھول خار سے دُور ہے، وہی شمع ہے کہ دُھواں نہیں

وضاحت: سرڪار دوعالم، شاهہ بني آدم صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حسن و جمال جو ڪمال اهو آهي تہ ان ۾ ڪنهن قسم جي ڪمي هجڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، ڪنهن ڪمي جو گمان بہ نٿو ڪري سگهجي. عام طور تي گل سان گڏ ڪنڊو بہ هوندو آهي، شمع (موم بتي) سان گڏ دونهون بہ هوندو آهي، پر آقا ڪريم صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رسالت جي باغ جا اهڙا گل آهن جنهن ۾ ڪو ڪنڊو ناهي ۽ پاڻ اهڙي شمع آهن جنهن ۾ ڪو دونهون ناهي.

ابولهب جو هڪ پٽ هو: عُتيبہ. هن پياري آقا صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخت ترين گستاخي ڪئي هئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جي خلاف دعا فرمائي: اي الله پاڪ! هن تي پنهنجن ڪتن مان هڪ ڪتو مسلط فرماءِ. اها ڳالهہ جڏهن ابولهب کي خبر پئي تہ هن تڙپي ڪري چيو هو: خدا جو قسم...!! هن ڪائنات ۾ محمد (صَلَّى اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کان وڌيڪ سچو ڪو بہ ناهي، جيڪڏهن هنن جي زبان مان اهو نڪتو آهي تہ منهنجي پٽ سان ائين ٿي رهندو.

ان کان پوءِ هن کي پنهنجي پٽ جو تمام گهڻو فڪر ٿيڻ لڳو، هن ڪوشش بہ تمام گهڻي ڪئي ان کي بچائڻ جي پر

تمہارے مُنہ سے جو نکلی وہ بات ہو کے رہی

ابولهب جون سڀ ڪوششون بيڪار ويون، ان جي پٽ کي جهنگلي شينهن چيري ڦاڙي اڇلائي ڇڏيو. اهو شينهن بہ عاشق رسول هو، هن گستاخ رسول جو

گوشت نہ ڪاڻو، چيري اڇلائي ڇڏيائين.[1]

## مڪي، مديني جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي مديني شريف جي بہ فضيلت ٻڌو! دجال پوري دنيا جو چڪر لڳائيندو. هر هر ڳوٺ ۾، هر هر شـــهر ۾ پهچندو پر حديث پاڪ ۾ آهي: دجال مديني شـريف ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشـش ڪندو پر جڏهن احد شـريف جي ويجهو پهچندو تہ فرشتا ان کي هتان ڀڄائي ڇڏيندا.[2]

بخاري شريف جي روايت ۾ آهي: ان وقت مديني شريف جا 7 رستا هوندا، هر رستي تي 2 فرشتا حفاظت لاءِ موجود هوندا.[3]

مدینہ، مدینہ، ہمارا مدینہ
سہانا سہانا دل آرا مدینہ
یہ ہر عاشقِ مصطفےٰ کہہ رہا ہے

ہمیں جان و دِل سے ہے پیارا مدینہ
دِوانوں کی آنکھوں کا تارا مدینہ
ہمیں تو ہے جنّت سے پیارا مدینہ[4]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سڀ کان وڏو فتنو

پيارا اســلامي ڀائرو! دجال تمام وڏو فتنو آهي، حديث پاڪ ۾ ارشــاد ٿيو تہ حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي قيامت تائين جيترا فتنا پيدا ٿيا يا ٿيندا، دجال انهن سڀني کان وڏو فتنو آهي.[5]

هن کان ايمان بچائڻ انتهائي ڏکيو هوندو. روايتن مطابق هي دنيا ۾ صـرف

1... دلائل النبوة، الفصل الرابع العشرون...الخ، صفحہ:270-271 ملخصاً۔
2... مسلم، کتاب الحج، باب صيانة المدينة...الخ، صفحہ:513، حديث:1379 مفہوماً۔
3... بخاری، کتاب فضائل المدينہ، باب لايدخل الدجال المدينة، صفحہ:498، حديث:1879۔
4... وسائلِ بخشش، صفحہ:355۔
5... مسلم، کتاب الفتن...الخ، باب فی بقية من احاديث الدجال، صفحہ:1129، حديث:2946۔

40 ڏينهن رهندو. ❁انهن مان پهريون ڏينهن هڪ سال جي برابر هوندو. ❁ٻيو ڏينهن هڪ مهيني جي برابر. ❁ٽيون ڏينهن هفتي جي برابر. ❁باقي ڏينهن 24 ڪلاڪن جا هوندا. دجال انهن 40 ڏينهن ۾ پوري دنيا جو چڪر لڳائيندو. مڪي ۽ مديني ۾ داخل نہ ٿي سگهندو. ❁ان جو فتنو تمام شديد هوندو. ❁ان سان گڏ هڪ باغ ۽ هڪ باھ هوندي، هي باغ جو نالو جنت رکندو ۽ باھ جو نالو دوزخ رکندو. ❁خدائيءَ جي دعوا ڪندو. مردا زنده ڪندو. زمين ان جي حڪم تي ساوڪ پيدا ڪندي. ❁آسمان ان جي حڪم سان مينهن وسائيندو. ❁ان کي مڃڻ وارا تمام مالدار ٿي ويندا. ❁ويرانن ۾ ويندو تہ زمين جي اندر جا خزانا نڪري نڪري ان سان گڏ ٿي ويندا. هن طرح جا ٻيا بہ ڪيترائي شعبدا ڏيکاريندو پر حقيقت سان انهن جو ڪو تعلق نہ هوندو، اهي سڀ جادو جا ڪرشما هوندا. ❁هي مديني ۾ وڃڻ چاهيندو پر وڃي نہ سگهندو، ان وقت مديني پاڪ ۾ 3 زلزلا ايندا، اتي جيڪي منافق ظاهري طور تي مسلمان بڻجي رهيل هوندا، زلزلن کان ڊڄي ڀڄندا ۽ دجال سان گڏجي ويندا. ❁دجال جي مٿي تي ڪ، ف، ر (يعني ڪافر) لکيل هوندو، ان کي هر مسلمان پڙهندو، غير مسلم نہ پڙهي سگهندا.

جڏهن هي سڄي زمين ۾ ڦري ڦري فتنو پکيڙي ملڪ شام پهچندو، اهو نماز فجر جو وقت هوندو، تڏهن حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام آسمان تان لهندا. دجال، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ساھ جي خوشبوءِ سان ئي ائين پگهرندو، جيئن پاڻيءَ ۾ لوڻ پگهرجندو آهي. دجال سندن ساھ کان پري ڀڄندو، پاڻ ان جي پٺيان تشريف وٺي ويندا ۽ ان جي پٺيءَ ۾ نيزو هڻي جهنم پهچائي ڇڏيندا. [1]

**تسبيح خوراڪ بڻجي ويندي**

1... بهارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:120-122، حصّہ:1۔

حضــرت اســماء بنت يزيد رَضِیَ اللہُ عَنْھا فرمائن ٿيون: هڪ ڏينهن پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان جي گھر تشريف فرما ٿيا، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دجال بابت ٻڌائيندي فرمايو: دجال جي اچڻ کان پهريان 3 ســخت ســال هوندا. ❁پهريون سال بارشون نہ وسنديون، زمين مان (جيتري پيداوار ٿيندي آهي، ان مان) ہ ٽهائي پيداوار ٿيندي. ❁ان کان ايندڙ ســال هڪ ٽهائي ٿيندي. ❁ان کان ايندڙ ســال پيداوار ٿيندي ئي نہ. چوپايا هلاڪ ٿي ويندا. پوءِ دجال نڪرندو. ان جي شــديد ترين فتني مان اهو ہ آهي تہ هڪ ڳوناڻي کي چوندو: جيڪڏهن مان تنهنجو اٺ زنده ڪري ڏيان تہ مڃيندي تہ مان تنهنجو رب آهيان؟ ڳوناڻو چوندو: ها! مڃيندس. پوءِ دجال هڪ جن کي حڪم ڏيندو، اهو فورا ان جي اٺ جي شڪل اختيار ڪري وٺندو، ڳوناڻو سمجھندو تہ منهنجو اٺ زنده ٿي ويو.

پوءِ دجال هڪ شــخص وٽ پهچندو، ان جي والد ۽ ڀاء جو انتقال ٿي چڪو هوندو، ان لاءِ ان جي ڀاء ۽ والد کي زنده ڪندو، يعني جنن کي چوندو تہ ان جي والد ۽ ڀاء جي شــڪل اختيار ڪيو! اهي ڪري وٺندا، اهو شــخص ســمجھندو تہ دجال منهنجي ڀاء ۽ والد کي زنده ڪري ڇڏيو. (ائين ماڻهو ان جي دوکي ۾ اچي ان کي خدا مڃڻ شروع ڪري ڏيندا).

راويہ چون ٿيون : ايترو چوڻ کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن ڪم سان تشريف وٺي ويا. واپس تشريف وٺي آيا تہ ڏٺائون: اسان سڀ غمگين وينا هئاســين. فرمايائون: ڇا ٿيو آهي؟ ڇو غمگين آهيو؟ عرض ڪيائون: يا رســول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! دجال جو ٻڌي اســان جون تہ دليون ڏکي ويون آهن. فرمايائون: فڪر نہ ڪريو! جيڪڏهن منهنجي هوندي دجال نڪري آيو تہ مان ان سان منهن ڏيندس. جيڪڏهن منهنجي (ظاهري) وصال کان پوءِ نڪتو تہ منهنجو رب منهنجي غلامن جي حفاظت فرمائيندو. عرض ڪئي وئي: يا رســول الله

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اڄ بک برداشت ڪرڻ مشڪل آهي، ان وقت تہ ڏڪار هوندو، مسلمان ڪيئن پنهنجو ايمان بچائي سگهندا؟ فرمايائون: مسلمان تسبيح ڪندا، ان سان ئي انهن جون جسماني ضرورتون پوريون ٿي وينديون.(1)

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏو وڏو شان آهي. اڄ اسان سبحان الله چئون ٿا تہ دل کي سڪون ملندو آهي، روح کي تازگي نصيب ٿيندي آهي. ان وقت مسلمان سُبْحٰنَ الله چوندا تہ دل کي بہ سڪون ملندو ۽ اها ئي تسبيح ڪاڏي، پاڻي جو بہ ڪم ڪندي، پيٽ بہ پرجي ويندو.

## ذڪر الله جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! ان مان اسان کي سبق ملي ٿو تہ اسان کي ذڪر الله جي عادت بڻائڻ گهرجي. سُبْحٰنَ الله!، اَلْحَمْدُ لِلّٰه، الله اڪبر، اهي پيارا پيارا پاڪيزه الفاظ آهن، انهن سان پنهنجي زبان تر رکڻ گهرجي. حديث پاڪ ۾ آهي: 2 ڪلما آهن، الله پاڪ کي تمام پيارا آهن، زبان تي تمام هلڪا آهن (جو آساني سان پڙهي سگهجن ٿا)، ميزانِ عمل تي تمام ڳرا هوندا (ڪهڙا ڪلما آهن؟ فرمايائون:)

سُبْحٰنَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ سُبْحٰنَ اللهِ الْعَظِيْم.(2)

هڪ ڀيرو سُبْحٰنَ الله چوڻ سان جنت ۾ وڻ لڳندو آهي. اهو حضرت ابراهيم عليہ السلام جو اسان جي نالي پيغام آهي. معراج جي رات جڏهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حضرت ابراهيم عليہ السلام سان ملاقات ٿي تہ پاڻ فرمايائون: اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي امت کي منهنجي طرفان اهو پيغام پهچائي ڇڏيو! تہ جنت جي زمين خالي ميدان آهي. الله پاڪ جي تسبيح

1... مشڪوٰة، ڪتاب الرقاق، باب العلامات...الخ، حصّہ:4، جلد:2، صفحہ:301-302۔
2... بخاری، ڪتاب التوحيد، باب قول اللہ تعالیٰ...الخ، صفحہ:1823، حديث:7563۔

ڪري هتي وڃ لڳايو! (1) الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

اچو! 12 ڀيرا سبحان الله پڙهون ٿا:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله |
| سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله | سُبْحٰنَ الله |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فيشن پرستي جو وبال

پيارا اسلامي ڀائرو! دجال جو فتنو انتهائي شديد فتنو آهي، ان کي سڀ کان وڏو فتنو قرار ڏنو ويو. توهان ڄاڻو ٿا هن فتني ۾ مبتلا ڪير ٿيندو؟ يعني دجال جا شعبدا ڏسي ان کي خدا ڪير مڃيندو؟ ڪير ڪير ان جي پويان هلندو؟ حديث پاڪ ٻڌو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي امت جا 70 هزار ماڻهو دجال جي پيروي ڪندا، انهن تي نقش و نگار وارو لباس هوندو. (2)

يعني دجال کي خدا اهي مڃيندا جيڪي پهريان ئي فيشن پرست، غير مسلمن جو نقل ڪرڻ وارا، انهن جهڙي شڪل ۽ صورت بڻائڻ وارا هوندا. انهن جو ٻيڙو غرق ٿيندو ۽ اهي دجال کي خدا مڃي جهنم جا حقدار ٿي ويندا. 3

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نه چوٽ ڪرڻ واري ڳالهه آهي. دجال جي فتني ۾ مبتلا اهي ٿيندا جيڪي غير مسلمن جي نقالي ڪرڻ وارا آهن. افسوس! اڄ اسان وٽ هي نقالي تمام عام ٿي چڪي آهي. ❁ اسان جو پائڻ

---

1... ترمذي، ڪتاب الدعوات، صفحه:796، حديث:3462 ملتقطاً.
2... مشڪوة، ڪتاب الرقاق، باب العلامات...الخ، جلد:2، صفحه:301، حديث:5490.
3... مراة المناجيح، جلد:7، صفحه:317.

ڏسي وٺو، لباس سنت مطابق ناهي. ❁ چهرو ڏسي وٺو، چهري تي سنت جو نور ناهي، غير مسلمن جي نقالي جي ڦٽڪار پيل آهي. ❁ اسان جي گهرن جا انداز. ❁ اسان جا تعليمي ادارا. ❁ سوچون، فڪرَ، افسوس...! اها ڪهڙي جاءِ آهي، اهو ڪهڙو ڪم آهي جنهن ۾ ماڻهو غير مســــلمن جي نقالي نٿا ڪن. ائين ڊاڪٽر اقبال چيو هو:

وضع میں تم ہو نصاریٰ تو تمدن میں ہنود | یہ مسلماں ہیں جنہیں دیکھ کے شرمائیں یہود

**وضاحت:** يعني لباس، چال چلت ۽ طور طريقا غير مسلمن جهڙا ٿي ويا آهن، افسوس! مسلمان ڪيترو نہ عجيب ٿي ويو آهي، جو ڪيس ڏسي غير مسلم بہ شرمائجي وڃن.

## غير مسلمن جا نقال

**حديث پاڪ ۾ آهي،** مان خلاصو عرض ڪري رهيو آهيان: غيبن ڪان خبردار، ٻنهي جهانن جي تاجدار، رســـولِ پُرانوار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان اڳين جي طريقن تي هلندا. گرانٺ گرانٺ جي مطابق، گز، گز جي مطابق، ايتري قدر جو جيڪڏهن اهي ڳوهہ جي ســـوراخ ۾ گهڙيا هوندا تہ توهان بہ انهن جي پويان هلندا.[1]

حديث پاڪ جو ڇا مطلب آهي؟ وضـــاحت ٻڌو! اڳين ڪان هتي مراد آهن: توريت ۽ انجيل وارا.[2] پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ارشـاد جو مطلب اهو آهي تہ توهان بہ انهن جو نقل ڪرڻ وارا ٻڻجي ويندا. ايترو وڌيڪ نقل ڪندا جو جيئن ٻنهي هٿن جون تريون بلڪل برابر هونديون آهن يا هڪ گز، ٻئي گز جي بلڪل برابر هوندو آهي، ائين ئي توهان بہ انهن جي بلڪل برابر برابر هلندا،

1... بخاری، کتاب احادیث الانبیاء، باب ما ذکر عن بنی اسرائیل، صفحہ:887، حدیث:3456 ۔
2... بخاری، کتاب احادیث الانبیاء، باب ما ذکر عن بنی اسرائیل، صفحہ:887، حدیث:3456 ۔

ايســـتائين جو جيڪڏهن اهي ڪو بلڪل بي فائدو ڪم ڪندا تہ توهان بہ انهن کي ڏسي ڏسي بي فائدي ڪمن ۾ پئجي ويندا.

مشـهور مفسـر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديث جي شـرح ۾ لکن ٿا: هي فرمان عالي شـان ٻڌو ۽ پنهنجو حال ڏسـو...!! سـک، پارسـي، مجوسي غير مسلم سڀ پنهنجي شـکل، پنهنجي لباس، پنهنجي طور طريقن کي پسـند ڪن ٿا پر مسـلمان آهن جو غير مسـلمن جي نقالي ۾ مري رهيا آهن، مٿو ديسي آهي، وار انگريزي، منهن ديسي آهي، زبان انگريزي، غذا ديسي آهي، ان کي کائيندا انگريزي طريقي ســـان آهن.[1] هي نقالي ايتري قدر وڌي چڪي آهي جو جن ڪمن ۾ بلڪل فائدو ئي ناهي، الٽو نقصـــان ئي نقصـــان آهي، تڪليف ئي تڪليف آهي، انهن ۾ بہ نقالي ڪن ٿا. ❁هاٿي پلا ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۾ ڇا فائدو آهي؟ ڪجهہ بہ تہ ناهي، نقصان ئي آهي، ڏاڙهي ڪوڙائيندا جهنم جا حقدار بڻجندا. ❁بيهي ڪري کائڻ جي ڪهڙي فضيلت آهي؟ ماڻهو کائيندا آهن، بيمار ٿيندا آهن، ڊاڪٽرن جا ڏڪا کائيندا آهن. ❁مرد چوٽيون رکندا آهن، ڇو؟ فلاڻي ايڪٽر کي ڏٺو هو. ❁عورتون بي پرده گهمنديون آهن، بي پرده مان چئي رهيو آهيان، ان ڪان اڳتي جا لفظ ڳالهائيندي شـــرم اچي ٿو نہ تہ بي پردگي تہ هاڻي تمام پري رهجي وئي، ڇا فائدو آهي ان ۾؟ نقصــان آهي، معاشـــري ۾ بي حيائي ڦهلجي ٿي، روز روز خبرون اينديون رهن ٿيون، ٻـارڙين کي ظلم جو نشانو بڻائي قتل ڪيو وڃي ٿو. ❁عورتن جون عزتون محفوظ ناهن. اجا ڪيترا مثالَ عرض ڪيا وڃن؟ سيني کي خبر آهي تہ معاشري ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. بس اسان هلي پياسين انهن جي پويان.

اسان ٻڌو: دجال جي فتني ۾ اهو ڦاسندو، جيڪو غير مسـلمن جو نقل ڪرڻ

1... مراة المناجيح، جلد:7، صفحہ:167۔

وارو هوندو. الامان والحفيظ...!! الله پاڪ اسان کي محفوظ فرمائي. سنتن تي هلڻ گهرجي.

## آقا جو پاڙو ماڻڻ جو نسخو

حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ اَحْيَا سُنَّتِيْ فَقَدْ اَحَبَّنِيْ، وَمَنْ اَحَبَّنِيْ كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت کي زنده ڪيو ان مون سان محبت ڪئي، ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڏسو! اهڙي فضيلت ڇا غير مسلمن جي پويان هلڻ ۾ آهي؟ انگريزي وار ڪترائڻ سان جنت ملندي؟ نه ملندي. ڏاڙهي ڪوڙائڻ سان ڇا جنت ملندي؟ فيشن پرست بڻجڻ سان ڇا قبر روشن ٿي ويندي؟ نه ٿيندي. هي سنت جي برڪت آهي، پنهنجي آقاء محبوب خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري ادائن جو نقل ڪيو! قبر به روشن، حشر ۾ به مزاء پل صراط تي به سڪون ۽ جنت ۾ آقا جو پاڙو به اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! نصيب ٿيندو ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! دنيا به سنورجي ويندي.

اسے مانتی ہے دُنیا، اسے ڈھونڈتی ہے منزل | رہِ عشقِ مصطفےٰ پہ جو غُلام چل رہا ہے

## سنت تي عمل جي برڪت سان مغفرت ٿي وئي

امام ذهبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: علامه هبة الله طبري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو انتقال ٿيو ته حضرت علي بن حسين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کي خواب ۾ ڏٺو. پڇيائون: الله پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله پاڪ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي. عرض ڪيائون: ڪهڙي سبب سان؟ فرمايائون: سنت جي ڪري. (2)

سُبْحٰنَ الله! هي سنت تي عمل جي برڪت آهي. الله پاڪ اسان کي سنتن سان

---

1... مشكوة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام ...الخ، فصل الثانى، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

2... سير اعلام النبلاء،رقم:3788،ہبۃ الله بن الحسن بن منصور،جلد:13،صفحه:270 ملتقطًا۔

محبت نصيب فرمائي.

جيڪڏهن اسان قافلن ۾ سفر ڪرڻ شروع ڪري ڏيون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! سنتن جو جذبو ملندو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول جا جيڪي قافلا سفر ڪندا آهن، انهن ۾ فرض علوم به سيکاريا ويندا آهن، دين سکڻ وارا مختلف ڪورس ۽ نماز به سيکاري ويندي آهي، وضو غسل جا احڪام به سيکاريا ويندا آهن، سنتون به سيکاريون وينديون آهن ۽ انهن تي عمل جو جذبو به نصيب ٿي ويندو آهي. تنهنڪري قافلن ۾ سفر جي عادت بڻايو! هر مهيني صرف ٽن ڏينهن جي قافلي جو معمول بڻائي ونو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! اهڙي طرح بهار شريعت حصو 16 ۽ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه جو رسالو 550 سنتون ۽ آداب پڙهي ونو! ان سان به تمام گهڻيون سنتون سکڻ نصيب ٿي وينديون. دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ وارا شارٽ ڪورس جيئن ❁ 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس. ❁ 7 ڏينهن جو 12 ديني ڪم ڪورس. ❁ 7 ڏينهن جو اصلاحِ اعمال ڪورس وغيره اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! علم دين ۾ اضافو ٿيندو.

تِری سنّتوں پہ چل کر مری روح جب نکل کر | چلے تُو گلے لگانا مدنی مدینے والے
تِرے نام پر ہو قرباں مرِی جان، جانِ جاناں | ہو نصیب سَر کٹانا مدنی مدینے والے (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايمان مضبوط ڪيو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! دجال جي فتني کان بچڻ جو هڪ طريقو ته اهو ئي آهي ته اسان پنهنجو ايمان مضبوط رکون ۽ پنهنجي ايمان کي مضبوط کان مضبوط

1... وسائل بخشش، صفحہ:428 بتقدم وتاخر.

تہ ڪيون. قرآن ڪريم ۾ حڪم ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اٰمِنُوْا (پارہ:5، النساء:136) | ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! ايمان رکو! |

علماءِ تفسير ان جي وضاحت فرمائن ٿا: اِزْدَادُوافِي الْاِيْمَانِ يعني معنيٰ اها آهي تہ اي ايمان وارؤ! پنهنجي ايمان کي وڌيڪ مضبوط ڪريو! [1]

❁ڪلمو تہ پڙهي ورتو، ❁هاڻي ان تي استقامت سان قائم بہ رهو! ❁ڪلمو تہ پڙهي ورتو، هاڻي ان جي تقاضائن تي بہ عمل ڪريو! ❁ڪلمو تہ پڙهي ورتو، هاڻي ايمان جا شعبا تمام گهڻا آهن، انهن شعبن کي بہ اختيار ڪريو! ❁ڪلمو تہ پڙهي ورتو، هاڻي ايمان ۾ وڌ کان وڌ ترقي ڪندا هلو! ❁ڪلمو تہ پڙهي ورتو، هاڻي پنهنجي ايمان جي ڪمال جي فڪر ۾ لڳي وڃو!

## ايمان مضبوط ڪرڻ جا طريقا

اهو ڪيئن ٿيندو؟ حديثن ۾ ان جو طريقو ٻڌايو ويو آهي. پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جو قسم! بندو ان وقت تائين ڪامل مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين پنهنجي مسلمان ڀاءُ لاءِ اهو ئي پسند نہ ڪري، جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو. [2]

خبر پئي: اسان جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪيون ٿا، اهو ئي ٻين لاءِ پسند ڪرڻ شروع ڪري ڏيون، اسان جو ايمان مضبوط ٿي ويندو. پنهنجي لاءِ عزت پسند آهي، ٻين کي عزت ڏيڻ شروع ڪري ڏيون. پنهنجي لاءِ ڀلائي پسند آهي، ٻين سان ڀلائي ڪرڻ شروع ڪري ڏيون. پنهنجي لاءِ پسند آهي تہ ڪو مون سان

1... روح المعاني، پاره:5، النساء، زير آيت:136، جز:5، جلد:3، صفحہ:221۔
2... ڪنز العمال، ڪتاب الايمان، جز:1، جلد:1، صفحہ:36، حديث:96۔

ڪوڙ نہ ڳالهائي، ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيون. پنهنجي لاءِ پسند آهي تہ ڪو مون کي دوکو نہ ڏئي، ٻين کي دوکو ڏيڻ ڇڏي ڏيون. ائين اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! ايمان مضبوط ٿي ويندو.

جيڪڏهن ايمان مضبوط ٿي ويو تہ دجال تہ ڇا، دجال جو پيءُ بہ اسان کي گمراهہ نٿو ڪري سگهندو.

## ڪامل ايمان وارو مسلمان

حديث پاڪ ۾ آهي: هڪ شخص کي دجال جا سپاهي پڪڙي ڪٺي ويندا. اهو مومن ٻانهو جيئن ئي دجال کي ڏسندو تہ پڪاري چوندو: اي انسانو...!! هي اهو ئي دجال آهي، جنهن بابت رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌايو هو. دجال پنهنجي سپاهين کي چوندو: هن کي هتي ليٽايو ۽ خوب پٽائي ڪريو! پوءِ ان مومن ٻانهي کي خوب ماريو ويندو. ماري ماري برو حال ڪيو ويندو. هاڻي دجال چوندو: ڇا توهان مون کي خدا مڃو ٿا؟ اهو مومن ٻانهو چوندو: تون ڪاٺو دجال آهين. هاڻي دجال حڪم ڏيندو: آرو آڻيو. آرو مشين آندي ويندي، ان مومن ٻانهي جا ٻہ ٽڪرا ڪيا ويندا. پوءِ دجال انهن ٽڪرن کي جوڙي ان کي ٻيهر زنده ڪري ڇڏيندو. هاڻي چوندو: ڇا مون کي خدا مڃو ٿا؟ اهو مومن ٻانهو چوندو: هاڻي تہ مون کي اڃا بہ وڌيڪ يقين ٿي ويو آهي تہ تون ئي دجال آهين (ڇاڪاڻ تہ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو هو تہ تون هڪ شخص کي ائين قتل ڪري ٻيهر زنده ڪندين).[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڪيڏو پڪو ايمان آهي. ڪاش! اسان کي بہ اهڙو پڪو ايمان نصيب ٿئي.

## سورة ڪهف پڙهندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! دجال جي فتني کان بچڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ

1... مسلم، كتاب الفتن...الخ، باب فی صفة الدجال...الخ، صفحه:1125، حديث:2938۔

اسان سورة ڪهف جي تلاوت ڪندا رهون. حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو سورة ڪهف جون پهريون 10 آيتون ياد ڪندو دجال کان محفوظ رهندو[1] ۽ هڪ روايت ۾ آهي، جيڪو سورة ڪهف جون آخري 10 آيتون ياد ڪندو دجال کان محفوظ رهندو.[2]

تنهنڪري ڪوشش فرمايو! سورة ڪهف جون پهريون 10 ۽ آخري 10 آيتون ياد ڪري وٺو! پوءِ وقت بوقت انهن کي پڙهندا رهو! پنهنجي ٻارن کي به ياد ڪرايو ۽ ٻارن کي اها نصيحت به ڪريو ته اهي پنهنجي نسلن کي ياد ڪرائيندا رهن. اها ته خبر ناهي ته دجال ڪڏهن نڪرندو، تنهنڪري پنهنجي نسلن تائين اها خبر پهچائي ڇڏيو. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيم! اسان ۽ اسان جا نسلَ ان بدبخت فتني کان محفوظ رهندا.

## عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي محبت جي برڪت

حضرت حذيفه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي فتنن جي علم جا اسپيشلسٽ هئا. پاڻ فرمائن ٿا: هن امت جو پهريون فتنو شهادت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ آهي (جو کين ظلماً شهيد ڪيو ويو) ۽ آخري فتنو دجال آهي. فرمايائون: خدا جو قسم! جيڪو پنهنجي دل ۾ ذري برابر به عثمان غني جي قتل کي سٺو سمجهندو، جيڪڏهن هن دجال کي ڏٺو ته ان جي فتني ۾ مبتلا ٿي ويندو، جيڪڏهن دجال کي نه ڏٺو ته قبر ۾ رهي دجال تي ايمان آڻيندو.[3]

الامان والحفيظ...!! ان مان اندازو لڳايو! مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي محبت ڪيتري ضروري آهي. ذري برابر به سندن بغض دل ۾ هوندو ته انسان دجال جي فتني ۾ مبتلا ٿي ويندو. تنهنڪري حضرت

1... مسلم، كتاب صلاة المسافرين و قصرها، باب فضل سورة الكهف...الخ، صفحه:291، حديث:809-
2... معجم اوسط، جلد:1، صفحه:397، حديث:1455-
3... المجالسة و جواهر العلم، جلد:1، صفحه:154، حديث:286-

عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سان خوب محبت رکو! ۽ ان کي دل ۾ وڏائيندا رهو.

خدا بھی اور نبی بھی، خود علی بھی اس سے ہیں ناراض
عَدُو اُن کا اُٹھائے گا قیامت میں پریشانی
عَداوت اور کینہ اُن سے جو رکھتا ہے سینے میں
وہی بدبخت ہے ملعون ہے، مردود شیطانی
ہم اُن کی یاد کی دُھومیں مچائیں گے قیامت تک
پڑے ہو جائیں جل کر خاک سب اَعدائے عثمانی(1)

## دجال کان به وڌو فتنو

پيارا اسلامي ڀائرو! دجال ته جڏهن ايندو، سو ايندو، الله پاڪ اسان کي ۽ اسان جي نسلن کي ان فتني کان محفوظ فرمائي. هڪ فتنو دجال کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي. اهو ڇا آهي؟ ٻڌو! حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان ويٺي دجال جي فتني بابت ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين، ايتري ۾ خوش اخلاق نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف ڪٺي آيا، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي دجال بابت ڳالهيون ڪندي ٻڌو ته فرمايائون: ڇا مان توهان کي ان شيءِ بابت نه ٻڌايان جنهن جو مون کي توهان بابت دجال کان به وڌيڪ خوف آهي؟ اسان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇو نه (ضرور ارشاد فرمايو!)، ان تي ٻنهي جهانن جي سردار، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: شرڪ خفي (يعني رياڪاري، دجال جي فتني کان وڌيڪ خطرناڪ آهي). (2)

## رياڪاري ڇا کي چوندا آهن...؟

1...وسائل بخشش، صفحه:584-585.
2...ابن ماجه، ڪتاب:الزہد، باب:الرياءوالسمعة، صفحه:682، حديث:4204.

هر اهو ڪم (جيڪو شرعاً درست هجي ۽) الله پاڪ جي رضا لاءِ ڪيو وڃي، ان کي عبادت چوندا آهن. جيڪڏهن ڪو بندو اهو ئي نيڪ ڪم الله پاڪ جي رضا کان علاوه ڪنهن ٻئي ارادي سان ڪري ته اهو رياڪاري آهي. [1] مثال طور نماز پڙهڻ عبادت آهي، جيڪڏهن ڪو نماز پڙهندو آهي پر الله پاڪ جي رضا لاءِ نٿو پڙهي، ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ پڙهي ٿو، اهڙو شخص رياڪار چورائيندو.

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. اسان کي رياڪاري کان ٻه بچڻو آهي. ❁ڏيکاءَ لاءِ ڪو ٻه عمل نه ڪريون. ❁نيڪين تي نيڪيون ڪريون. ❁نمازون پڙهون. ❁سجدا ڪريون. ❁ذڪر ۽ درود سان زبان تر رکون. ❁روزا رکون. ❁عمرا ڪريون. ❁حج ڪريون. ❁صدقو خيرات ڏيون، ❁ڪاش ائين ٿئي جو ساري زندگي نيڪين ۾ ئي گذري پر اهي سڀ نيڪيون صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا لاءِ ڪريون، پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪريون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! باڪردار ۽ بااخلاق مسلمان بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! **12** ديني ڪمن ۾ ٻه زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **قافلو** ٻه آهي.

**بيشڪ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ، ان راهه ۾ مشقت برداشت ڪرڻ نبين جي سنت آهي.**

❁دين جو ڪم مشڪلاتون برداشت ڪرڻ ۽ قربانيون ڏيڻ سان ئي ٿيندو آهي

1...رياڪاري، صفحه:7۔

❁انبياءِ ڪرام، صحابهءِ ڪرام، نيڪ ماڻهو نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ پنهنجن گهرن مان نڪرندا هئا ❁دور دراز علائقن ۾ ويندا هئا ❁هجرت ڪندا هئا ۽ تڪليفون برداشت ڪري دين جو پيغام عام ڪندا هئا ❁اڳين جي قربانين جي ڪري ئي اسان تائين دين پهتو آهي.

**عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي به انهيءَ راهه تي آهي.** ❁سموري دنيا جي اندر دين جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ لکين عاشقانِ رسول قافلن جي صورت ۾ ملڪ ملڪ، شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ويندا آهن ۽ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪندا آهن ❁قافلن جي برڪت سان ڪيترائي غير مسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي چڪا آهن ❁ لکين ماڻهن جي زندگين ۾ نيڪين جي بهار آئي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، 1 مهينو ۽ 12 مهينن جا قافلا سفر ڪندا رهندا آهن.

❁**توهان به قافلي ۾ سفر ڪندا ڪيو!** اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪيترين ئي برڪتون نصيب ٿينديون ❁قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي ❁ سنتون سيکاريون وينديون آهن ❁ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ❁نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ❁ قافلي جي برڪت سان دعائون پوريون ٿيڻ ❁مشڪلاتون دور ٿيڻ ❁۽ بيمارين مان شفاياب ٿيڻ جا به سوين واقعات آهن ❁ ايئن به ٿيو آهي جو قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي حوصلا افزائي جي لاءِ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ قافلي جي شرڪاء ڪي ديدار جو جام پياريائون.

اسان قافلن ۾ سفر ڪيون، ڪهڙي خبر ته اسان تي به ڪرم ٿي وڃي. گهٽ ۾ گهٽ هر مهيني 3 ڏينهن جي قافلي ۾ سفر جي نيت ڪري ونو! بلڪ اڳيان محرم شريف اچي رهيو آهي، ٿي سگهي ته هاڻي ڪان پنهنجو نالو پيش ڪيو! الله پاڪ

عمل جي توفيق عطا فرمائي. اچو تہ! ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## ٽيڏي نڪ

هڪ اســـلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ منهنجي نڪ جي هڏي ٽيڙي هئي، اکين ۽ مٿي جو ســـور بہ پيڇو نہ ڇڏيندو هو. مون آپريشـــن ڪرائڻ جو ارادو ڪيو. آپريشن کان پهريان قافلي سان گڏ سفر ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي، اڳ ۾ ئي ٻڌل هو تہ قافلي ۾ دعائون قبول ٿينديون آهن، ان ڪري مون الله پاڪ کان دعا گهري: ”يا الله پاڪ! دعوتِ اســـلامي جي قافلي جي برڪت ســـان منهنجي نڪ جي هڏي درست فرماءِ“.

قافلي تان واپســـيءَ جي ڪجھ ڏينهن کان پوءِ جڏهن نڪ جي هڏيءَ ڪي غور ســـان ڏٺم تہ منهنجي خوشـــيءَ جي ڪا انتها نہ رهي، چاڪاڻ تہ قافلي ۾ گهريل دعا جي قبوليت ڪليل اکين سان نظر اچي رهي هئي. اهو ائين جو منهنجي نڪ جي ٽيڙي هڏي بلڪل سڌي ٿي چڪي هئي

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو — لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو
لینے کو بَرَکتیں قافلے میں چلو — پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو
ٹیڑھی ہوں ہڈّیاں، ہوں گی سیدھی میاں — درد سارے مٹیں، قافلے میں چلو
دردِ سر ہو اگر دُکھ رہی ہو کمر — پاؤ گے صحتیں قافلے میں چلو
غیبی امداد ہو گھر بھی آباد ہو — چل کے خود دیکھ لیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اوقات نماز (Prayer Times) ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي جديد ذريعن ذريعي بہ قرآن ۽ سنت جي

خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي، ان ڳالهه جي پيش نظر دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل اپيلي ڪيشن بنام اوقات نماز (Prayer Times) جاري ڪئي آهي. هن اپيلي ڪيشن ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن به مقام جا نمازن جا اوقات ۽ قبلي جو رخ معلوم ڪري سگهجن ٿا. جماعت جي وقت موبائل کي آٽو سائلنٽ ڪرڻ جو آپشن به موجود آهي. ان کان علاوه، قرآن پاڪ عربي متن ۽ ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي. اذڪار (روحاني علاج) به ڏنا ويا آهن. ڪائونٽر تسبيح ذريعي اوهان پنهنجا روزانه جا اوراد پڙهي سگهو ٿا. هن اپيلي ڪيشن ذريعي اوهان ريڊيو مدني چينل ٻڌي سگهو ٿا. اذڪار نماز کي به تجويد سان شامل ڪيو ويو آهي. عيسوي ۽ اسلامي ڪيلنڊر (Calendar) جي سهولت به موجود آهي. ان کان علاوه اوهان هن اپيلي ڪيشن جي ڊيش بورڊ (dashboard) کي 2 ڪلر ٿيم (Two Color Theme) ۾ به استعمال ڪري سگهو ٿا. پنهنجي موبائل ۾ هي اپيلي ڪيشن انسٽال ڪري ونو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلان

هر هفتي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي به رات تقريبن 9 لڳي 45 منٽ تي مدني چينل تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. تمام ذميداران ۽ عاشقان رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي

جي مدني مذاڪري ۾ تفسير نورالعرفان مان 105 مدني گل(قسط 5) جو اعلان ڪيو ويندو. اهو رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الاهي ۽ ثواب لاءِ ٻين کي بہ شيئر (Share) ڪريو! دين ۽ دنيا ۾ جيڪڏهن امن چاهيو ٿا تہ زبان جي حفاظت ڪرڻ تمام ضروري آهي، ڪڏهن ڪٿي ڇا ڳالهائڻو آهي، ڄاڻڻ لاءِ مطالعو ڪيو، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو بهترين ڪتاب ڪتاب گفتگو جا آداب. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ کان 325 روپين جي قيمت ۾ حاصل فرمايو. انهن ڪتابن کي پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام طرف آڻيندي، سنت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدار رسالت، شهنشاه نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سفر جون سنتون

۞ عزيزن ۽ دوستن سان ملي پنهنجا قصور معاف ڪرايو ۽ جن کان معافي گهري وڃي، انهن تي لازم آهي تہ کُلي دل سان معاف ڪري ڇڏين. ۞ جيڪڏهن ڪجھ اسلامي ڀائر گڏجي قافلي جي صورت ۾ سفر ڪن تہ ڪنهن هڪ کي پنهنجو امير مقرر ڪن. ۞ سفر جو لباس پائي، جيڪڏهن مڪروھ وقت نہ هجي تہ گهر ۾ 4 رڪعتون نفل (سورة فاتحہ ۽ سورة اخلاص سان) پڙهي پوءِ

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343.

ٻاهر نڪرجي، اهي رڪعتون واپسي تائين گهر وارن ۽ مال جي نگهباني ڪنديون. ۞ پنهنجي مسجد مان به رخصت ٿين. جيڪڏهن مڪروهه وقت نه هجي ته ان ۾ به 2 رڪعتون نفل پڙهي وٺن. ۞ جڏهن به سفر تي روانا ٿيو ته گهرجي ته پنهنجن گهر وارن ۽ مال کي الله پاڪ جي حوالي ڪري وڃو ۽ پنهنجن گهر وارن کي هي ڪلمات چئي سفر تي روانا ٿيو: اَسْتَوْدِعُكَ اللهَ الَّذِیْ لَا یُضِیْعُ وَدَائِعَهٗ **ترجمو**: آءٌ توکي ان الله پاڪ جي حوالي ڪريان ٿو جيڪو ڏنل امانتن کي ضايع ناهي ڪندو. ۞ سفر ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪندا رهو. ۞ مسافر کي گهرجي ته دعا کان غفلت نه ڪري، ڇو ته جيستائين اهو سفر ۾ هوندو آهي، ان جي دعا قبول ٿيندي آهي. ۞ رستي ۾ ڪٿي ترسڻو پوي ته وقت به وقت هيءَ دعا پڙهندا رهو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هر نقصان کان بچيل رهندؤ. دعا هيءَ آهي: اَعُوْذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّآمَّاتِ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ **ترجمو**: مان الله پاڪ جي مڪمل ڪلمات جي پناهه گهران ٿو، ان شيءِ جي شر کان جيڪا هن پيدا ڪئي. ۞ سفر کان واپسيءَ تي گهر وارن لاءِ ڪا سوکڙي (تحفو) آڻجي ڇو ته هيءَ سُنّتِ مبارڪ آهي. ۞ سفر کان واپسيءَ تي پنهنجي مسجد ۾ 2 رڪعتون نفل پڙهڻ سُنّت آهي[1].

رات کاٹی ہم نے سوکر دن گزارا لہو میں

تم نے روتے روتے ساری شب گزاری یارسول! (2)

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبةالمدينه جي **بهارِ شريعت** جلد:3، حصو:16، ۽ امير اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 100 صفحن جو ڪتاب "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪري پڙهو، سنتون سکڻ جو بهترين ذريعو

---

[1] فيضانِ اسلام ڪورس، حصّہ دوم، صفحه:11-12 ملتقطاً.

[2]... قبالۂ بخشش، صفحہ:157۔

دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن ڀرپور سفر پڻ آهي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو | خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
ربّ کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَ سَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[3] ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

---

[1]... القول البديع، الباب الاول، ص1125

[2]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[3]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455